ڊاڪٽر شير مهراڻي

# ماڻڪ جي ناول ”ساهہ مٺ ۾“ جو تنقيدي جائزو

# Critical Analysis of Manik's Novel: "Saahu Muth Men"


## Abstract:

*Manik (1943-1982) is an existentialist fiction writer in the Sindhi Literature. In his short stories and novels, he has depicted the inner feelings of the common Sindhi people. His famous Novel Saah Muth Men (literally means breath held in fist). Saah Muth Men is a Sindhi proverb which means "caught in worst conditions". This novel was written during the last years of the One Unit and early nineteen eighties (1980's). Due to adverse political conditions in Sind; Karachi, the mega city was passing through the horrible circumstances during that period. In this novel, writer has portrayed the fear and terror that had engulfed common Sindhi people, especially the working class in Karachi. The core theme of this novel is resistance. Due to the terrible conditions of the city, the hero of the novel faces severe suppression and remains in melancholy.*

*In this research article, I have attempted to explore mainly the element of resistance as portrayed in the Novel. I have also focused on certain existentialist elements present in the novel. Additionally, I have presented critical analysis of this novel.*


ماڻڪ جو ناول، ’ساهہ مٺ‘ سندس وفات (1982ع) کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌي ٽائيمس پبليڪشن اُلهاسنگر پاران، جولاءِ 1986ع ۾ شايع ٿيو. ان جو ٻيو ڇاپو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو جي طرفان 1992ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. سنڌ ۾ شايع ٿيل ڇاپي اندر ماڻڪ جو وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ نثار حسينيءَ کي لکيل هڪ صفحي جو هڪ خط، نصير مرزا جو اڍائي صفحن تي ٻڌل ڊائريءَ جو ورق ’جڏهن سڄڻ سفر هليا‘، موهن ڪلپنا جو ڇهن صفحن تي ٻڌل ’سنڌيت جي اندروني ايڪس ري‘ جي عنوان سان مهاڳ ۽ باقي 133 صفحن تي ناول شامل آهي. هن ناول ۾ ڪل چار باب آهن: امن امان، ٻائيتال، وڳوڙ امن امان (وري). ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ظفر عباسيءَ پاران ماڻڪ جو ورتل انٽريو ۽ بئڪ ٽائٽل تي امداد حسينيءَ جو مختصر رايو

ڇپيل آهي. جنهن ۾ اهم ترين پئراگراف هي آهي تہ "ماڻڪ ان ٺهيءَ مان هو جيڪا پاڻ کان سينئر ۽ جونيئر جي ٻن پُڙن ۾ پيسجي رهي هئي/آهي. سينئر پنهنجين لڪٽين ۾ وڏيرن کي لوئي پاڻ ادبي وڏيرا بڻجي ويا ۽ جونيئر شارٽ ڪٽس جي ڳولا ۾ رهيا_ائين ادبي محاذ تي قومي ايڪي واري اعليٰ مقصد کي ڪاپاري ڌڪ لڳو." (1)

مقالي جي ابتدا ۾ ڪجهہ اهم سوالن يا مفروضن جا جواب ڏجن ٿا.

مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا لکيو آهي:

"ماڻڪ جو ناول" 'ساهہ مٺ ۾' سنڌي زبان جو پهريون جديد ناول آهي، ان ۾ وجوديت ۽ بعيد العلقلي(بعيد العقلي) فٽ ڪيل ناهي، اها پاڻ خود مرادو ماحول مان اپري ٿي." (2)

'ساهہ مٺ ۾' ڪنهن بہ طرح سان پهريون جديد سنڌي ناول ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ ڪيترائي جديد سنڌي ناول سنڌ ۾ شايع ٿي چڪا هئا. جن ۾ موهن ڪلپنا جا ناول، رڃ ۽ پاڇا (1966ع، سنڌ ۾ 1967ع ۽ 1984ع)، پيار جي پڇاڙي (1969ع)، جلا وطني (1974ع، سنڌ ۾ 1975ع)؛ قاضي خادم جا ناول پيار ۽ سپنا(1977ع)، درد جي خوشبوءِ (1981)؛ سراج جو پڙاڏو سوئي سڏ (1970ع) مزاحمتي ناول هجڻ سان گڏ ٽيڪنيڪ جي حوالي سان هڪ جديد ناول آهي. علي بابا جو ناول "موهن جو دڙو" (روح رهاڻ 1968ع ۽ روح رهاڻ تي بندش ڪانپوءِ هيءُ ناول نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو)، حليم بروهيءَ جو ناول 'اوڙاهہ' (جنهن کي شعور جي وهڪري واري ٽيڪنيڪ تي لکيل پهريون ناول چئي سگهجي ٿو) خود ماڻڪ جو پهريون ناوليٽ 'لڙهندڙ نسل' (1972ع) البتہ 'ساهہ مٺ ۾' شعور جي وهڪري جي ٽيڪنيڪ تي لکيل بنيادي ناولن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو:

مون کي خبر ناهي تہ هن ناول 'ساهہ مٺ ۾' جو دستخط ماڻڪ پنهنجي موت کان ڪيترو اڳ لکي پورو ڪيو هو. "(3)

ناول جي اندر موجود واقعن جي ذڪر مان آساني سان سمجهي سگهجي ٿو تہ هيءُ ناول ماڻڪ پنهنجي موت کان هڪ يا بہ سال اڳ لکي پورو ڪيو هوندو. ماڻڪ جي وفات 1982ع ۾ ٿي. تازو ڪجهہ سال اڳ منور سراج 'ماڻڪ جي بريف ڪيس مان' جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپايو آهي، جنهن ۾ ٻين تحريرن سان گڏ

ماڻڪ جو ناوليٽ ’پڇتاءُ‘ بہ شامل آهي. جيڪو پڻ وجوديت جي فلسفي تي آڌاريل آهي. ناول ’ساهہ مٺ ۾ ‘ اندر ماڻڪ 1977ع وارين چونڊن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ لکي ٿو:

”هي ٽيهن سالن ۾ بہ سنڌي نہ سکيا آهن! نہ سکندا ئي جو هن پراسيس ۾ اسان کي مرج ٿيڻو آهي، پنهنجي آئڊنٽيفڪيشن وڃائڻي آهي.“ (4)

يا ڀٽي پاسي ڀُٽي صاحب جي ڦاسي جو ذڪر پڻ هن ناول ۾ ملي ٿو:

”ڀُٽي جي ڦاسيءَ تي وڏا گوڙ ٿيا آهن. ها! خاص ڪري دادو ضلعي ۾ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ٻين هنڌن تي ديرن کي باهيون ڏنيون اٿن ۽ گاڏين جون پٽڙيون...تہ سنڌي اجا جيئرا آهن. ها اهي اهڃاڻ ٻڌائين ٿا تہ نہ رڳو جيئرا آهن، پر جيئرا رهڻ چاهين ٿا هر جوکو کڻي. اهم ڳالهہ اها آهي تہ اهي سنڌي جيڪي هڪ فرد لاءِ ايڏو جوکو کڻي سگهن ٿا تہ، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ، پنهنجي سنڌ لاءِ ۽ خود پنهنجو پاڻ لاءِ جوکو ڇو نہ ٿا کڻي سگهن.! هان؟ سائين مان سمجهان ٿو تہ کڻي سگهن ٿا، رڳو ڪين ان قسم جو احساس ڏياريو وڃي...بنيادي سوال ليڊرشپ جو آهي، جيڪا عام جي مهنداري ڪري ٿي، جيڪا نہ هئڻ جي برابر آهي.“ (5)

ذوالفقار علي ڀُٽي کي 1979ع ۾ ناحق ڦاسي آئي، جنهن جو سخت ردِعمل سامهون آيو. پر ضياء سرڪار ترت ئي ’اهل قلم ڪانفرنس‘ گهرائي ڪيترائي قلم خريد ڪري ورتا. ناول ’ساهہ مٺ ۾‘ لکجڻ جو دور 1977ع کان 1980_1981ع معلوم ٿئي ٿو. هن ناول ۾ ڀُٽي صاحب تي بہ تنقيد ڪئي وئي آهي ۽ ليکڪ واضح طور ڀُٽي صاحب کي ’ڪٽر پاڪستاني‘ سڏي چٽر ڪري ٿو. ڀُٽي صاحب تي اهڙي تنقيد ڪجهہ قومپرست ڌريون ڪنديون رهيون آهن. پر ماڻڪ قومپرستن تي بہ تنقيد ڪري کين ’مفاد ۽ ذات پرست‘ سڏي ٿو. ذاتي طور تي پهريان ماڻڪ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر رهيو ۽ پوءِ پارٽي ڇڏي ڏنائين.

ماڻڪ جو ناول ’ساهہ مٺ ۾‘ هڪ ڪاليج جي استاد جي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي، هو هڪ تحقيقي مقالو لکي ٿو. هيءُ ناول ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ ان تحقيقي مقالي جا نوٽس آهن. ڇاڪاڻ تہ ناول جي آخري صفحي تي ڪوئي سوال ٿو ڪري تہ مقالي

جي ڏي خبر تہ جواب ملي ٿو تہ ’نوٽس وٺي ڇڏيا آهن. مقالو لکان ٿو پيو‘. ناول جو هيرو ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪاليج ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استاد آهي. هو پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. ڪيس سنڌي هجڻ تي فخر گهٽ، ڊپ وڌيڪ آهي. هو اڪثر ان گمان ۾ رهي ٿو تہ ڪوئي سندس پيڇو ڪري رهيو آهي ۽ سندس گفتگو جي جاسوسي ٿئي ٿي. توڙي جو هو ان خيال جو آهي تہ هن جو ڪنهن بہ سياسي توڙي قومپرست پارٽيءَ سان ڪو بہ تعلق ناهي. هو عملي طور سياست کان پاسي تي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ اقتداري پارٽيون اسٽيبلشمينٽ جي ڏر آهن ۽ قومپرست قيادت پنهنجي پنهنجي ذات جي خول ۾ وڃايل ۽ مطلب پرست آهي. هتان جا سوشلسٽ وڏيرن جي کيسن ۾ پيل آهن. هو نوڪري پيشہ فرد آهي ۽ صرف ڳالهين جي حد تائين قومپرست سياست ڪري ٿو. ۽ سندس خيال آهي تہ ايتري سياست هر سنڌي ماڻهو ڪندو آهي. تنهن هوندي بہ کيس هر گهڙي اهو ڊپ آهي تہ ’ديوارن کي بہ ڪن آهن‘. سنڌ متعلق ڪيل سندس گفتگو کيس ڏچي ۾ وجهي سگهي ٿي. شهر ۾ وڳوڙ ٿين ٿا تہ هو ڊڄي وڃي ٿو. هو اهڙو ڊپ پنهنجي گهرواريءَ سان شيئر ڪري ٿو. جيڪا کيس ڪراچي ڇڏي ڳوٺ هلي رهڻ جو مشورو ڏئي ٿي. هو کيس اڪيلو ڳوٺ ڇڏي اچڻ چاهي ٿو پر سندس گهرواري اڪيلي ڳوٺ وڃي رهڻ نٿي چاهي. انڪري هو ٻئي ڪراچيءَ ۾ ئي رهن ٿا. هو چونڊن جي بہ خلاف آهي ۽ سندس خيال آهي تہ چونڊن دوران اسان کي صرف ايترو اختيار هوندو آهي تہ اسان پنهنجي لاءِ مناسب ڪاسائي جي چونڊ ڪيون. سندس خيال موجب ٻئي ڌريون ڪاسائي آهن، اسانکي صرف انهن مان ئي چونڊ جو اختيار آهي. انڪري هو ڪڏهن بہ اليڪشن دوران ووٽ ڏيڻ ناهي ويو نہ ئي هن پنهنجو ووٽ داخل ڪرايو آهي. ناول جو هيرو مسلسل خوف، ڊپ، ڊپريشن، انزائٽي، ائبزرڊٽي، اداسي، اڻتڻ، بيچيني، ويڳاڻپ، ڳٽتي ۽ ڳاراٽين جهڙين ڪيفيتن ۾ گذاري ٿو. ڪيس ڪڏهن ماڪڙ ٿي پٽي تہ ڪڏهن ڪُئا ٿا ڪائين. ناول جي پهرئين باب ۾ هن کي ڪوئا پٽين ٿا، کيس پلئگ جو ڊپ رهي ٿو. وري هن کي ماڪڙ ڪائي ٿي ۽ هو ان ۾ مري وڃي ٿو. ناول جيئن تہ (Stream of Consciousness) اسٽريم آف ڪانشسنيس واري ٽيڪنيڪ تحت لکيل آهي انڪري هن ۾ اڳياڙي ۽ پوياڙي جي خبر نٿي پوي. ناول جي ابتدا ۾ ڪوئي سندس پيڇو ڪري ٿو ۽ ناول جي پڇاڙي تائين اهو شخص سندس ڪِيڏِ لڳل

آهي. ناول جي جهڙي ابتدا آهي، پڇاڙي بہ اهڙي ئي آهي. ائين ٿو لڳي جڻ تہ ناول اڳتي وڌيو ئي ناهي. توڙي جو ناول ۾ اهڙيون شاهديون موجود آهن تہ هي ناول لڳ ڀڳ ٽن سالن تائين لکيو ويو. پر ناول جي ڪهاڻي اڳتي وڌڻ بدران ساڳي هنڌ دهرائجي ٿي.

بنيادي طور تي هيءُ ناول وجودي وارداتن جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ ان ۾ جديديت واري ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي وئي آهي.

وجوديت جي لاءِ ڏاهن جو خيال آهي تہ هيءُ هڪ اهڙو فلسفو آهي، جنهن ۾ فرد پاڻ سڃاڻڻ سان گڏ پنهنجي داخلي برتري ۽ اتم پڻي جي ڳالهہ علامتي تناظر ۾ پيش ڪري ٿو. وجوديت هڪ عملي دائرو (Practical Ring) يا سرڪل پڻ آهي جنهن ۾ اچي انسان ڪيترين ئي اهم جبلتن سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. ۽ انهن جبلتن جي آڌار پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ مڃائڻ جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذري نيٺ پنهنجي وجود ۽ وجودي سگهہ کي مڃائي ٿو. جڏهن انسان کي پنهنجي هجڻ جو احساس ٿيو تہ هن پنهنجي وجود کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سندس ان سوال ۾ اهو امر بحرحال موجود هو تہ هو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذري فرد پنهنجي سمجهہ ۽ ڏاهپ جي آڌار پنهنجو وجود يا 'موجود هجڻ' طئي ڪري ورتو آهي. (6)

جڏهن تہ خاص طور يورپ ۾ وجوديت فلسفي يا فڪر سان گڏ هڪ سماجي تحريڪ جي طور تي اتي موجود حالتن جي بر خلاف هئي. ان ڪري ئي ڪجهہ ڏاهن وجوديت کي ردعمل واري تحريڪ سڏيو آهي. هن تحريڪ سماج ۾ موجود ڳُڌي روش سان ٽڪر کاڌو.

> "Existentialism" is an intrinsically reactive movement of thought, one which has point only in opposition to the tradition.(7)

ماڻڪ جو هيءُ ناول بہ ردعمل هو انهن حالتن جو جيڪي خاص طور سنڌ ۾ پرماري قوتن پاران پيدا ڪيون ويون هيون. ليڪڪ هن ناول ۾ فنی اعتبار کان جديديت جی ٽيڪنيڪ ڪتب آڻيندي ناول جی بنيادي فن کی چئلينج ڪيو آهی. منظرنگاريءَ جی حوالی سان هن ناول ۾ ڊرامائی ٽيڪنيڪ ڪتب آندي وئی آهی. مثال طور جڏهن ڊاڪٽر ناول جی هيرو جو چيڪ اپ ڪرڻ اچی ٿو تہ اتی واضح طور نئين پيرا تي لفظ 'ڊاڪٽر' لکيو ويو آهي. جنهن مان ڊاڪٽر جي اينٽري ظاهر ٿئي

ٿي. جيڪڏهن ناول ۾ وڳوڙ واري صورتحال کي پيش ڪيو وڃي ٿو ته نئين صفحي ۽ نئين پئرا تي لفظ 'وڳوڙ' لکيو ويو آهي. ان طرح جو تجربو ڊرامن ۾ مروج هو/آهي، پر ناول جي تاجي پيٽي اٽڻ وقت ناول نگار باقاعده منظر نگاري ڏانهن توجهه ڏيندو آهي. چاڪاڻ ته هن کي لفظن جي اندر تصوير پيش ڪرڻي پوندي آهي. جڏهن ته ڊرامي ۾ اهو ڪم ڪئميرا وسيلي آسانيءَ سان ڪري سگهبو آهي. هن ناول ۾ اهڙي ٽيڪنيڪ ڪتب آندي وئي آهي جو گهڻن هنڌن تي منظر نگاري پاڻ هرتونظر انداز ٿي وئي آهي. ناول جي اهڙي ٽيڪنيڪ کي پڙهندڙ نئون باب سمجهي پڙهي يا نئون موضوع، اهو پڙهندڙ جو اختيار آهي. پر اهو تاثر ضرور پيدا ٿئي ٿو ته ليکڪ کي پنهنجي پڙهندڙ جي پرواهه ناهي. ان ڳالهه جو دليل هن ئي ناول ۾ شامل ماڻڪ جو انٽرويو آهي. جنهن ۾ ڪائنس سوال پڇجي ٿو:

"هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان اوهان جي ڪا لکڻي پڙهڻ کانپوءِ جيڪڏهن مان اوهانکي ڪا ٿلهي متاري گار ڏيان ته...؟ مان رڳو مُرڪندس." (8)

ماڻڪ جو اهڙو ردعمل بنيادي طور تي "ڊيٿ آف ڪريٽڪ" توڙي "ڊيٿ آف ريڊر" (نقاد ۽ قاريءَ جي موت) واري نظريي ڏانهن اشارو آهي. رولان بارٿ جي "ڊيٿ آف آٿر" (ليکڪ جي موت) کانپوءِ 'ڊيٿ آف ڪريٽڪ' ۽ 'ڊيٿ آف ريڊر' جهڙا نظريا به آيا آهن. ماڻڪ جي هن جواب مان لڳي ٿو ته هن کي پنهنجي پڙهندڙ جي ڪابه پرواهه ناهي ته هو ڇا سوچيندو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اٽلڪائٽي انداز ۾ ماڻڪ پنهنجي لکڻين لاءِ 'ڊيٿ آف ريڊر' جي ٿيوري جو مڃيندڙ آهي. تنقيد جو نئون منظر نامو ته ان حد تائين جو حامي آهي ته، هرڪو پڙهندڙ ڪابه تحرير پڙهڻ وقت پنهنجو اڳوڻو تجربو، اعتقاد، قدر ۽ مڃيل سوچ سامهون رکندو آهي. هو ڪنهن به تحرير بابت ڪا به راءِ ڏيڻ وقت مڪمل آزاد هوندو آهي، هن کي ليکڪ جي مقصد سان ڪوبه واسطو ناهي هوندو. ساڳي ڳالهه رولان بارٿ هنن لفظن ۾ ڪئي هئي ته پڙهندڙ جو جنم حقيقت ۾ ليکڪ جي موت برابر آهي.

"Everyone brings their prior experiences, beliefs, values and assumptions to reading. You are free to interpret texts in whatever way you want, without worrying about what the author 'intended' the text to mean. As Barthes triumphantly concludes, 'The birth of the reader must be at the cost of the death of the Author" (9)

ان منظر نامي کي سامهون رکي جيڪڏهن اسان ’ساهه مٺ ۾‘ جو تنقيدي ڇيد ڪيون ته اسانکي معلوم ٿيندو ته ماڻڪ هن ناول ۾ گهڻو ڪري خوف ۽ حراس کي پيش ڪيو آهي. ڪيس سنڌي هجڻ جو خوف آهي. هو هن ناول ۾ پوڳنا جي اڻ کٽندڙ سلسلي کي تخليق ڪري ويو آهي. جيڪو ڪنهن حد تائين ته درست آهي. ۽ ٿي سگهي ٿو ته ماڻڪ جي وقت ۾ اجا وڌيڪ درست هجي پر هن وقت؛ وقت مٽجي چڪو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ادب جو سماج تي اثر ٿيندو آهي ته ڪڏهن وري ان جي ابتڙ سماج جو به ادب تي اثر ٿئي ٿو. ادب ۽ سماج هڪٻئي جا اولڙا آهن. اديب اهو شخص آهي، جيڪو سماج جي ڪنهن اهڙي خاص زاويي کان آئينو جهلي بيهي ٿو. جنهن کي هو ڏيکارڻ چاهي ٿو. اهو آئينو ڪڏهن ته سڄي سماج جي جهلڪ پسائي ويندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اڌوري جهلڪ سبب پڙهندڙ جي ذهن ۾ اٽڪڻ پئدا ڪري وجهندو آهي. ’ساهه مٺ ۾‘ به هڪ اٽڪڻ پئدا ڪندڙ ناول آهي. عام طور تي اهو سوال اٿاريو ويندو آهي ته ماڻڪ جي هن ناول کي ڇاڻي ٻجهي نصاب کان پري رکيو ويو آهي؛ يا وري ڪنهن اڄاتل خوف ۽ ڊپ سبب اسان ان ناول تي بحث نٿا ڪريون. آئون سمجهان ٿو ته ناول کي نصاب کان پري رکڻ جو فيصلو جنهن به ڪيو آهي درست ڪيو آهي. هيءُ ناول نَون ذهنن کي جهنجهوڙي به سگهي ٿو ته ڪنهن حد تائين مايوسيءَ جي اهڙي ڳُن ۾ ڦٽو ڪري سگهي ٿو. جنهن ۾ ماڻڪ خود به ٻُڏي ويو هو. (ماڻڪ جي خودڪشيءَ کان اڳ شايد هيءُ سندس آخري ناول هو) جڏهن ته بالغ ذهن هونئن ئي هيءُ ناول پڙهي سگهن ٿا. هن ناول جي نصاب ۾ شامل ٿيڻ يا نه ٿيڻ بابت تازو ئي سوشل ميڊيا تي طويل بحث ٿيو. جنهن ۾ تاج بلوچ، مير ٿيٻي، ڊاڪٽر ايوب شيخ، ممتاز بخاري، شمشير سيلري ۽ ٻين ڀرپور حصو ورتو جيسيتائين خوف جي ڳالهه آهي ته اها راءِ نامناسب آهي. هن ناول کان وڌيڪ ڪڙو سچ هن ناول کان اڳ لکيل توڙي ڇپيل ناولن جهڙوڪ ’سانگهڙ‘، ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘، ’مرڻ مونسين آءُ‘ ۽ ’پڙاڏو سوئي سڄ‘ وغيره ۾ درج ٿيل آهي. يا غلام نبي مغل جا ناول پڻ جهڙوڪر ساڳئي موضوعن تي آهن ۽ انهن جي پڻ پنهنجي اهميت آهي.

فڪري اعتبار کان هيءُ ناول وجوديت کي ڇُهندي مزاحمت جي دائري ۾ داخل ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته وجوديت ۾ فرد گهڻو ڪري پنهنجي داخلي انيائن سبب پنهنجي ذات جي چوڌاري ڦرندو آهي، جڏهن هن ناول جو هيرو پنهنجي ذات کي سنڌي سوسائٽي سان جوڙي رکي ٿو. توڙي جو ناول جو هيرو مسلسل خوف ۽ ڊپ ۾

رهي ٿو پر ان جي باوجود هو هار مڃي ڪري ڳوٺ واپس نٿو هليو وڃي. هو ڪنهن نه ڪنهن سطح تي حالتن سان جهيڙي ٿو. اهڙي مزاحمت ڪي فڪري سطح تي تصوراتي مزاحمت سڏيو ويو آهي. اهڙي مزاحمت تڏهن ابرندي آهي جڏهن فرد پنهنجي ڪنهن خيالي يا تصوراتي سرگرمي ۾ ڪا رڪاوٽ محسوس ڪندو آهي.

> *Imaginative resistance* occurs when a subject finds it difficult or problematic to engage in some sort of prompted imaginative activity.(10)

تصوراتي مزاحمت ليکڪ جي تصورن ۾ پيش ايندڙ رنڊڪن ڪانپوءِ رد عمل طور ليکڪ جي ذهن ۾ پيدا ٿيندي آهي، جنهن جو اظهار هو پنهنجن فنپارن ۾ ڪندو آهي. ماڻڪ پڻ هن ناول ۾ وجوديت سان گڏ تصوراتي مزاحمت جو اولڙو به پيش ڪيو آهي. چاڪاڻ ته ادب تخليق ڪرڻ پڻ هڪ تصوراتي ۽ جمالياتي سرگرمي آهي. ۽ ماڻڪ جي دور ۾ جڏهن ادب ۾ رڪاوٽون پئجي رهيون هيون. ڪتابن تي بندشون مڙهيون پئي ويو. ليکڪن ۽ فنڪارن کي گرفتار پئي ڪيو ويو. جيئن هن ناول ۾ به آهي ته،

”خبر: ع ق شيخ گرفتار

خبر: آرٽسٽ فتاح گرفتار

خبر: ’سهڻي‘ تي پابندي، ايڊيٽر گرفتار، پريس سيل

خبر: ابراهيم منشي گرفتار

خبر: ’اڳتي قدم‘ تي پابندي، ايڊيٽر تي وارنٽ“ (11)

خود ماڻڪ کي پڻ گرفتار ڪيو ويو هو. جڏهن سنڌ ۾ اهڙيون حالتون هيون ته ماڻڪ ’ساهه مٺ ۾‘ ناول لکي پنهنجي مزاحمت جو اظهار ڪيو. موهن ڪلپنا هن ناول کي سنڌ جو پهريون جديد ناول سڏيو. جيڪا ڳالهه درست نه آهي. هن ناول کان اڳ خود ماڻڪ جو پهريون ناوليٽ ’لڙهندڙ نسل‘ پهريون جديد ناوليٽ آهي، جيڪو 1972ع ۾ ’اڳتي قدم پبليڪيشن‘ صدر حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. تنهن ڪانسواءِ سراج جا ناول، حليم بروهيءَ جو اوڙاهه ۽ آغا سليم جو ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا هئا. ’ساهه مٺ ۾‘ ناول جي اندر هڪ پاسي مزاحمت جهيڻي ۽ ڪمزور آهي ته ٻي پاسي هن ناول ۾ اُها خاصيت به ناهي جنهن کي سامهون رکي چئجي ته ناول جيڪڏهن عام ٿئي ها ته ڪو وڏو طوفان اچي وڃي ها. جنهن جي

شڪايت ڪجهہ حلقا ڪندا رهيا آهن. فني توڙي فڪري اعتبار کان ساڳي موضوع تي لکيل ٻيا ناول هن کان وڏيڪ سگهارا آهن. جيئن آغا سليم جي ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ مان هڪ مثال آهي:

”چوڏهين آگسٽ تي سارنگ جيل مان ڇُٽو. جڻ مڙدو قبر مان نڪتو. ساري بت تي هڏ هاريل، اکيون اجهاميل، هڏا نڪتل، جڻ سندس جسم تان ڪنهن ماس ڪوري ڇڏيو هو. جڻ سندس رڳن مان ڪنهن سارو رت ۽ ست چوسي ڇڏيو هو ۽ رڳو هڏاڻن پڃرو هو. سارنگ پنهنجي ڳنڍڙي سنڀالي جيل مان نڪتو. . . موت حياتيءَ کي نڙگهٽ کان جهليو هو ۽ حياتيءَ ڦٿڪا ٿي ڏنا. آخر حياتيءَ هارايو. نڙيءَ مان رت جو گرڙو نڪتو ۽ سندس واڇن مان وهڻ لڳو. سارو بت ڍرو ٿي ويو ۽ ڪنڌ هڪ پاسي لڙڪي پيو. سڪينہ دانهن ڪري هن جي لاش مٿان ڪري ۽ پار ڪڍي روئڻ لڳي. ٻاهر چوڏهين آگسٽ جو جشن ملهايو ٿي ويو.“ (12)

مزاحمت جي موضوع تي ئي لکيل محمد عثمان ڏيپلائي جي ناول ’سانگهڙ‘ کي، جيڪو ون يونٽ دوران 1963ع ۾ ڇپيو. بہ رڳو حُر تحريڪ سان سلهاڙيل نہ پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هن ناول ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهڙا اشارا موجود آهن، جن کي سنڌ ۽ ون يونٽ جي پيدا ڪيل صورتحال سان جوڙي سگهجي ٿو. توڙي جو ناول انگريزن خلاف آهي، پر تمثيلي طور تي هي ناول ڪيترن ئي هنڌن تي رياستي جبر ۽ ون يونٽ جي خلاف آهي. جيئن ناول ۾ آهي تہ ”جنوري 1942ع ۾ دنيا جي 26 قومن جا نمائندا، آمريڪا جي شهر واشنگٽن ۾ گڏ ٿيا، اتي يڪراءِ هڪ اعلان نالي ’ائٽلانٽڪ چارٽر‘ يا ’ميثاق اوقيانوس‘ منظور ڪيو اٿن. جنهن جا خاص فقرا هي آهن تہ سڀني قومن جي انهي ’حق‘ جو احترام ڪيو وڃي، تہ هو پنهنجي لاءِ حڪومت جي جيڪا طرز بهتر سمجهن، سا اختيار ڪن ۽ جن قومن کي فرمانروائيءَ ۽ خود اختياري حقن کان زبردستيءَ محروم ڪيو ويو آهي، تن کي اهي ’حق‘ واپس ملڻ گهرجن. اهڙو امن ٿيڻ گهرجي، جنهنڪري سڀني قومن کي بچاءُ حاصل هجي، ۽ سڄيءَ روءِ زمين تي ’انسان ذات‘ خوف ۽ هراس، تنگدستيءَ ۽ محتاجيءَ کان آزاد ٿي، خوشيءَ جي زندگي گذاري سگهي. انهي ائٽلانٽڪ چارٽر موجب ئي اسين اهو اعلان ڪريون ٿا تہ ’سنڌي قوم‘ کي جو 1843ع ۾ فرمانروائيءَ ۽ خود اختياري حقن کان انگريزي سامراجين زبردستيءَ ۽ ناحق سان محروم ڪيو هو سي ’حق‘ هاڻي ’سنڌي

قوم‘ ’انگريز سامراجين‘ کان واپس وٺي ٿي، ۽ پنهنجو مرڪز تعلقي سانگهڙ ۾ مقرر ڪري، ’سانگهڙ سرڪار‘ قائم ڪري، انگريز سامراجين کي حُڪم ڏئي ٿي ته ’ڪُئِٽ سنڌ!‘ اي سامراجيو! سنڌ خالي ڪريو.“ (13)

ظاهر آهي، ليڪ جڏهن حوالي طور جنوري 1942ع ۾ پيش ٿيل ’ائٽلانٽڪ چارٽر‘ جي ڳالهه 1963ع ۾ ڪري ٿو ته ان کي رڳو 1947ع جي پسمنظر ۾ ڏسڻ بدران 1963ع جي ئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. ۽ 1963ع وارا ئي ڏينهن هئا جڏهن ون يونٽ زور پڪڙيو هو، جنهن دوران پڻ سنڌ کي بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو هو. ۽ سنڌ جي اينٽي ون يونٽ تحريڪ جون اهي ئي گهرجون هيون جيڪي ائٽلانٽڪ چارٽر تحت 26 ملڪن منظور ڪيون هيون.

سراج جي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي پڇاڙي هنن لفظن سان آهي،

”سنجها ٿي ويئي، پر اجا به ڪي سنڌي وڙهي رهيا هئا، جڻ هنن وڙهي مرڻ جو قسم کنيو هو ۽ جڏهن سج ان نظاري ڏسڻ جو وڌيڪ تاب جهلي نه سگهيو ۽ اولهه ۾ ڪنهن دور دراز گهرائيءَ ۾ منهن لڪائي روئڻ جو بهانو ڪري، هڪ ڪاري ڪڪريءَ پويان لڪي ويو، تڏهن آخري سنڌي به ڪِري پيو. ساري ماحول تي موت ڇانئجي ويو. ان وقت ائين پئي لڳو ڄڻ ته ڌرتيءَ جو پنهنجو ساهه بند ٿي ويو هو. ڪوٽ جي برجن تي چڙهيل سنڌي پنهنجي ڪونڌرن لاءِ روئڻ به وساري وينا هئا. ٻانگن کي ٻانگون ڏيڻ وسري ويون هيون. قلندر جي نوبت به اڄ پهريون ڀيرو خاموش رهي. هي عجيب ماتم هو، خاموش، چپ! ائين ٿي ڀانيو ڄڻ سنڌين هميشه لاءِ ماتم ڪرڻ جو پهه ڪيو هو ۽ اهو خاموش ماتم صدين تائين انسان ذات جي ضمير ۾ ٻڙڇيءَ جو گهاءُ بڻجي چڪندو رهندو!“ (14)

سراج جي هن ناول لاءِ رسول بخش پليجي صاحب لکيو هو،

”اهو ناول سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو هڪڙو بيمثال شاهڪار آهي ۽ سنڌي قوم جو عظيم الشان قومي داستان آهي.“

هن ئي ناول جي پيش لفظ ۾ جمال ابڙي صاحب لکيو هو:

”حب الوطنيءَ جو ۽ تاريخ جو مذهب سان ڪو ٽڪر نه آهي. عرب،

اسلام کان اڳ واري دور جي شاعرن ۽ سورهين تي اڄ بہ فخر ڪن ٿا. اسين تہ حاتم طائيءَ ۽ نوشيروان جا ڳڻ ڳائيندا اچون, جيتوڻيڪ هو مسلمان نہ هئا. رستم, سهراب ۽ سڪندر جا نالا پاڻ تي رکندا اچون جيتوڻيڪ هو غير مسلم هئا. ڇا ٿي پيو جي پنهنجي سنڌ ديس جي سورهين جا اسين گيت ڳايون: انهن سورهين جا, جن موهن جي دڙي جي تهذيب جو پايو وڌو, جن ٽيڪسيلا ۽ گنڌارا جي آبياري ڪئي, جن رني ڪوٽ جو قلعو اڏيو ۽ ديبل, اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو بنياد رکيو. جن جي تهذيب ۽ تعمير تي سارو پاڪستان تہ ڇا, سڄي دنيا فخر پيئي ڪري, جنهن لاءِ شاهہ ايران جي درباري شاعر چيو تہ ’ساقي مون کي شراب, موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ٺهيل پيالي ۾ ڏي, ڪاش اها مٽي منهنجن وڏن جي هجي!‘ ٽوينبي, موجوده دنيا جي عظيم تاريخ نويس چيو ”مان دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تهذيب جي تلاش ۾ ويس. موهن جو دڙو منهنجي حقير تلاش جي بلند ترين چوٽي آهي!“ ان چوٽيءَ تي پهچندڙ نہ هندو هئا نہ مسلم, سنڌي هئا, محض سنڌي!“ (15)

جڏهن تہ سراج جو ٻي هڪ بيو ناول ’مرڻ مون سين آءُ‘ هنن لفظن تي پورو ٿئي ٿو.

”سانوڻ, آءُ تہ يڪو فيصلو ڪري وڃون. تون مغلن وارو پاسو سنڀال, اسين پوئين پاسي ترخانن کي ٿا پُڄون. هوئن ئي لابارن جا ڏينهن ويجها آهن! ’بسم الله, دلبر بسم الله: جيئي سنڌ, جيئرا رهياسون تہ آزاد سنڌ ۾ ساهہ کڻنداسون, نہ تہ پرتاسون سنڌ کي!‘ سانوڻ حجت ڪري چيو. ۽ پوءِ رڻ ۾ راڙو ٿيو. . . سج لهڻ تي سڄو آسمان خون جو رنگ وٺي بيهي رهيو: ان شفق ۾ سنڌ جو ست رنگو انڊلٺي جهنڊو ايئن ٿي جهوليو ڄڻ تہ سنڌين آسمان تي جهنڊو کوڙي ڇڏيو آهي.“ (16)

ادب کان وينديِ صحافت تائين جي ميدان ۾ اديب ۽ صحافي هن مٽيءَ جو مان مٿانهون ڪندا رهيا آهن. هر ڏکئي وقت ۾ هن ڌرتيءَ جي دليرن پاڻ موکيو آهي. پوءِ اهو ون يونٽ جو دور هجي يا ايم آر ڊي يا ڪا بي تحريڪ. هيءُ ناول جيئن تہ ون

يونٽ جي پچاڙڪن ڏينهن ۽ ايم آرڊي جي ابتدائي ڏينهن جي تخليق آهي. انڪري اهوئي دور بحث هيٺ آڻيون ٿا. ون يونٽ خلاف تمام سخت مخالفت ٿيندي رهي. سنڌي صحافي دليريءَ سان سنڌ جو ڪيس وڙهندا رهيا. روزاني مهراڻ 8 کان 11 آگسٽ 1967ع تائين مسلسل ڇهن قسطن ۾ ون يونٽ جي 'افاديت' جي تاجي پيتي کي اڊيڙي پٽ ڪيو. ياد رهي ته ان وقت مهراڻ جو ايڊيٽر سردار علي شاهه هو اخبار لکيو ته :

"...درحقيقت ون يونٽ جو مسئلو ئي اهو اهم ترين مسئلو آهي، جيڪو پاڪستان جي مستقبل لاءِ نقصانڪار تصور ڪجي ٿو. سنجيده ۽ دورانديش نگاهون انهيءَ مسئلي جي خطرناڪ نتائج کي بخوبي ڏسي سگهن ٿيون. ليڪن افسوس سان ظاهر ٿو ڪرڻو پوي ته ون يونٽ جا حمايتي پنهنجين اکين تي انڌ جا ڪوپا چاڙهيو ويٺا آهن.....درحقيقت ڏٺو وڃي ته ون يونٽ خود هڪ عظيم انتظامي ڪمزوري آهي. جيڪو نه صرف متعدد ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو بنياد آهي پر پاڪستان جي بنيادي منشور جي خلاف ۽ جمهوري تقاضائن جي برعڪس پڻ آهي." (17)

اٿاهه مايوسين ۽ خوف باوجود هن ناول ۾ هڪ جهيڻي اميد موجود آهي،

"ٻڌ: سنڌ ۽ سنڌي هن مهل به جيئرو جاڳندو رت جو لوٿڙو آهن، هو جيئرا آهن، ۽ حياتيءَ سان پيار ڪن ٿا. جيئڻ هر جيئرو جيو ڪندو آهي. پر سندن قومي سجاڳيءَ لاءِ ۽ ان جي بقا لاءِ نئون رت ايندو، نوجوان نسل، نوجوان مان تون ڏسجانءِ ته ڪيئن نه. . ." (18)

سندس اميد ۾ به هڪ پيڙا آهي، اهڙي پيڙا جيڪا وجود ۾ وڍ وجهي ڇڏي ٿي،

"نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان سنڌين جو؟"

ٿهڪ ڏيندي هو چوي ٿو:

"ڇري آهين بابا، اسين مسلمان ٿينداسين.."

"ته هينئر اسين مسلمان ڪونه آهيون."

"سنڌي آهيون نه ۽ سنڌي هجڻ هڪ غير اسلامي فعل آهي. اسان پڪا مسلمان تڏهن ٿي سگهون ٿا، جڏهن پاڻ کي ڊي سنڌيلائيز (De-sindhilize) اڻ سنڌي ڪري ڇڏيون." (19)

مختلف ۽ متضاد سياسي ۽ سماجي حالتن سبب ناول جو مکيو ڪردار ’پيرانوائڊ پرسنلٽي ڊس آرڊر‘ جو شڪار ٿي ويجي ٿو. هيءُ اهڙو نفسياتي مونجهارو آهي، جنهن تحت مريض کي اهو گمان رهندو آهي ته هو کو تمام وڏو ڪم ڪري رهيو ۽ ماڻهو سندس ان ڪم جي مخالفت ڪن ٿا ۽ سندس پيڇو ڪن ٿا. مريض ٻين ماڻهن سان گڏجي ڪم ناهي ڪري سگهندو. تنقيد تي جلد مچرجي پوندو آهي. هو دنيا ۾ ڪنهن کي به سچو ۽ وفادار ناهي سمجهندو. هن ناول جي هيرو کي به هر وقت ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪوئي سندس پويان لڳل آهي. ننڍڙي ڳالهه تان پنهنجي گهرواريءَ کي دڙڪا ڏئي ٿو. ٻي پاسي اردو جو ليڪچرار جڏهن ملڪ لاءِ ڏنل قربانين جي ڳالهه ڪري ٿو ته هيءُ همراهه چڙي پوي ٿو ۽ چوي ٿو.

> ”قرباني ته ڦورو ۽ ڌاڙيل به ڏيندا آهن، جڏهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڌاڙو هڻندا آهن يا ڦر ڪندا آهن. انگريز به جڏهن هتي آيا هئا نئي ڪنڊ ۾ ته جان جوکي ۾ وڌي هئائون ۽ قربانيون به (ڏنيون هئائون).“ (20)

هن ڪردار جو هاڪاري پاسو اهو آهي ته هن جو مقصد پنهنجي ذات سان واڳيل ناهي. هو سنڌ بابت سوچي ٿو. پر سندس اهو به خيال آهي ته سنڌ سان ڪو به سچو ناهي. نه سنڌ جون اقتداري پارٽيون، نه قومپرست، نه سوشلسٽ، نه ٽي وري ڪو ٻيو. سندس ڪردار جو ٻيو هاڪاري پاسو اهو به آهي ته هو اهو ته سمجهي ٿو ته هن کي وهم آهي، پر اهو وهم آهي ڇو؟ هو ان سوال جو جواب پڻ ڳولڻ چاهي ٿو.

> ”ڪٿي هيءُ منهنجو وهم ته نه آهي. . .جي هيءُ منهنجو وهم آهي ته پوءِ ڇو؟ ڇا هيئنر مان هن وهم لاءِ پنهنجو نفسي ڇيد ڪيان. ان جون پاڙون ڦوليان. پر سوال ٿو پيدا ٿئي، نيٺ مونکي اڄ اوچتو ئي اوچتو ههڙي قسم جو وهم ڇو؟ ڪو ته اهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جنهن جي آڌار تي ههڙي قسم جي ـ پوءِ خام خيالي ئي سهي، ايڙي(اهڙي) اندر ۾ پيهي ويل جو پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳو آهيان.“ (21)

۽ هو آخر تائين ان جو سبب ته تلاش ناهي ڪري سگهيو پر ڪن ٻين شين ڏانهن ضرور اشارا ڪري ويجي ٿو. هن جو وڏو اشارو رياستي جبر طرف آهي.

> ”ڪئا قطارن ۾، ڪئن جو رنگ خاڪي

خاڪي وردي ۾ پريڊ
قطارن ۾ پريڊ
ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ
بوٽن جا ڳرا آواز
ڪئا پلئگ آڻيندا آهن
ڏپ
ماڻهن جا لاش
ٿلها ڪئا، مڇن سان
پٽيندڙ ماڻهن جا لاش
ڊنل، هراسيل، موڳا ماڻهو
ڪئن جون قطارون" (22)

هو ناانصافي محسوس ته ڪري ٿو پر ان جو حل تلاش نٿو ڪري، هو مرڻ لاءِ ته تيار آهي ۽ ڪيس ڊپ به آهي ته هو پنهنجي گهرواري کان وڇڙي ويندو. پر پنهنجي ذات کي ان ڏهڻ مان ڪڍڻ لاءِ ڪو به هٿ پير نٿو هڻي.

"هڪ خوف ۽ انديشي هيٺ ته مان توکان جدا ڪيو ويندس ۽ اوچتو بنهه اوچتو ڪو عتاب ڪڙڪندو. مان توکان جدا ڪيو ويندس ۽ هڪ اهڙي محبت ۽ خيال جيڪو ٻن موڪلائيندڙ دلين جي وچ ۾ وڇوڙي، دردناڪ وڇوڙي جي خوف کان يا ڪنهن اوچتي (ڏار) ٿيڻ جي خوف کان جنهن جي پڇاڻي انتهائي ڀوائتي." (23)

ناول جو هيرو محبت جي گهرائي محسوس ڪرڻ ۽ وڇوڙي جو ڊپ سانڍڻ ڪانپوءِ به محبت جي بچاءَ يا رشتي جي بقا لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري. حالانڪ محبت هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو ذات کان ڪائنات تائين ڪنهن به وقت ڪوبه انقلاب آڻي سگهي ٿو. پر هن ناول جو هيرو تڪليف مان آجي ٿيڻ لاءِ صرف فرار جو رستو ئي اختيار ڪري ٿو. هو جنهن تڪليف ۾ آهي، ان مان نڪرڻ لاءِ ڪڏهن ننڍ واريون گوريون ٿو کائي ته ڪڏهن وري پنهنجي پاڻ کي آٿت ڏيڻ ۽ پنهنجو علاج ڪرائڻ لاءِ ڊاڪٽر کي گهرائي ٿو. سندس علاج ڪندڙ ڊاڪٽر خود نفسياتي مونجهاري جو شڪار آهي. بلڪ سندس خيال آهي ته اسان سڀ بيمار آهيون. ڊاڪٽر جيڪو

سندس علاج ڪرڻ اچي ٿو اهو ڪيس چوي ٿو.

"خوف ۽ انديشا. جنهن ۾ اسين سڀ ورتل_شڪيلون ڏار ڏار. پر روح ساڳيو. سپريشن/انسيڪيورٽي، علاج، ٽرنڪولائيزرس." (24)

جڏهن ڪوبه اديب ڪوئي ڪردار پيش ڪندو آهي ته سندس هر عمل اديب سان سلهاڙجي ويندو آهي. جديد نفسيات تحت ته ان حد تائين جي ٿيوري اچي چڪي آهي ته جيڪڏهن ڪو اديب ڪنهن تاريخي واردات يا واقعي ڪانسواءِ ڪوئي قتل يا ڏوهه ڪنهن ڪهاڻي يا ناول ۾ ڏيکاري ٿو ته ان جو مطلب اهو ورتو ويندو ته اهو قتل يا ڏوهه خود اهو ليکڪ ٿو ڪري جنهن قاتل ڪردار تخليق ڪيو آهي. هن ناول جو هيرو پاڻ لاءِ اهڙي ڊاڪٽر جي چونڊ ڪري ٿو جيڪو خود بيمار آهي، جنهن مان اهو مطلب وٺي سگهجي ٿو ته هيرو ان مونجهاري مان نڪرڻ ئي نٿو چاهي. توڙي جو هن وٽ هڪ هاڪاري احساس به آهي ته هو يا هر سنڌي ماڻهو پنهنجي مٽي توڙي ديس لاءِ جذباتي آهي. ۽ هو ڪنهن نه ڪنهن سطح تي ڪمزور هٿوراڙيون هڻندو رهي ٿو پر نتيجو ڪو به نٿو ڪڍي.

"سنڌين جي وچولي طبقي جو هر فرد، جيڪو پنهنجي سنڌي هجڻ جو احساس رکي ٿو، اهو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سياست ۾ بهرو وٺي ٿو. خاص ڪري پڙهيل لکيل. هي صاحب اينٽي ون يونٽ تحريڪ ۾ نهايت سرگرم هو. ۽ نوڪريءَ کان پوءِ ڪچهريءَ جي حد تائين سياست، جيئن اسين سڀ ڪندا آهيون ۽ سنڌ بابت ڳالهائيندا آهيون. مستقبل جي ڳڻتيءَ جو ذڪر ڪٺي ۽ پنهنجي قومي وجود جي بقا جي اڻڪي سان. . .تاريخ جو قرض نهايت سولي ۽ سوکي نموني لاهيندا آهيون." (25)

هتي ليکڪ ٻن حقيقي واقعن کي ناول ۾ تمثيلي يا علامتي طور تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جن ۾ ٻوليءَ وارن هنگامن دوران ليڪچرار عبدالرزاق سومري جو قتل ۽ ٻي ليڪچرار اشوڪ ڪمار جو رياستي تشدد ۾ قتل ٿيڻ شامل آهن. پر ٻنهي واقعن کي ليکڪ ڪنهن به طرح سان آرٽسٽ نموني ۾ پيش ناهي ڪري سگهيو. البته انهن واقعن جو ردعمل هو نه ڪٽندڙ خوف جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو. ۽ هن کي لڳي ٿو ته هن به ڪو ڏوهه ڪيو آهي. پر پنهنجي ڏوهه تي

ويچاريندي ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ سندس ڏوهہ رڳو اهو آهي تہ هو سنڌي آهي. جنهن جو اظهار هو ڊاڪٽر سان هنن لفظن ۾ ڪري ٿو

> ”سنڌيپڻي/سنڌي هجڻ جو احساس، جيڪو هتي اڻٽُٽندڙ آهي ۽ اڻ نهڪندڙ. هڪ ڏوهہ! اسين اڻٽُٽندڙ آهيون. اهو سمجهون ٿا ۽ اهڙي سرت رکون ٿا، اها سرت ئي اسان کي ڏوهي هجڻ جي احساس کان آگاهہ ڪري ٿي.“ (26)

جنهن کان پوءِ ناول ۾ ’ماڪڙ‘ ڪاهي پوي ٿي. ماڪڙ هونئن بہ هڪ عذاب طور سمجهي وڃي ٿي. خاص طور هن ئي سال سنڌ ۾ ماڪڙ ڪاهي پئي هئي، جنهن فصل تباهہ ڪيا ۽ هارين کي وڏو نقصان پهتو. ناول جي ماڪڙ (پناهگير) آهن. ناول جي مُک ڪردارکي ماڪڙ چنبڙي ٿي ۽ آخر کيس ماري ڇڏي ٿي. ان ماڪڙ کان ڊاڪٽر بہ کيس نٿو بچائي، ڇاڪاڻ تہ اهو مرڪزي ڪردار جو اليوزن (Illusion) آهي ۽ ڊاڪٽر کي ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. ناول جو ٻيو حصو ’ڪاسائيءَ جي چونڊ‘ جي سري هيٺ آهي. ناول جي هن حصي ۾ ماڻڪ اليڪشن جي موسم جون ڳالهيون ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ اليڪشن ۾ اصل ۾ اسان پنهنجي لاءِ پاڻ ڪاسائي چونڊيون ٿا. هو ڪنهن بہ حڪمران ڌر جي حق ۾ ناهي.

> ”ڪلهہ ڳوٺان خط آيو آهي تہ ووٽ هتي ضرور ڏيڻ اچجو. رئيس زور پريو آهي. بہ ٽي ڦيرا ڪيا اٿائين. پر منهنجي چونڊ ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ آهي. ۽ نہ ڪوئي مون ووٽ داخل ڪرايو آهي. نہ هن سال نہ پر سال ۽ نہ ڪڏهن.“ (27)

ناول جي هن حصي ۾ وري مکيہ ڪردار اوچتو ڊپ محسوس ڪري ٿو. ايسيتائين جو اجرڪ نہ پائڻ جو سوچي ٿو.

”۽ ها بڌ! چون ٿا تہ ڏاڍا وڳوڙ ٿيندا. ها بڌو تہ مون بہ آهي. پر پياري تون ڊڄين ٿي.؟ نڪو. پور ٿيل ويساهہ. سنڌين کي ماريندا؟. توکي ڪنهن ٻڌايو؟ اوڙي پاڙي ۾ اهي ڳالهيون پيون ٿين.. .۽ تو جو فيشن ۾ اجرڪ پاتو آهي. سو بہ. ها، مون ڪلهہ ئي سوچيو هو هاڻ ٻاهر اجرڪ پائڻ ڇڏي ڏيندس...“

ناول جي هن حصي ۾ هو قومپرستن تي ڪاوڙيل آهي. هو ڪنهن هڪ قومپرست کي بہ سچو نٿو سمجهي. حالانڪہ وقت ثابت ڪيو آهي تہ ڪيترن ئي

اجتماعي مامرن تي قومپرست ڏريون هڪ ٽي ڪو نہ ڪو هاڪاري ڪم ڪنديون رهيون آهن. ائين ئي هن ڪردار جو هڪ ئي جملي ۾ سيني ڪي لوڙهڻ مناسب نٿو لڳي.

”مون کي اهو چوڻ ۾ بلڪل بہ هبڪ ڪانهي تہ سنڌ جا ’قومي‘ تپي هيٺ سڏجندڙ اڳواڻ، قومپرست پنهنجو پاڻ لاءِ آهن. قوم لاءِ نہ. قومي مسئلن تي سوچيندي ۽ ويچاريندي ۽ عمل ڪندي سندن ذات ئي محور هوندي آهي. نہ ڪو قوم/سنڌ...هر ڳالهہ پڳي موقعي محل تي سنڌ جي قومي اڳواڻن جي ڪوڪلائپ پڌري ٿي آهي. نا اهلي ۽...“ (28)

ناول ۾ اهم ٿيسز اها ڏني وئي آهي تہ سنڌي بحيثيت قوم جي متحد ٿي سگهن ٿا، هو ڪوئي بہ وڏو ڪم ڪري سگهن ٿا پر انهن وٽ ليڊرشپ جي کوٽ آهي. هن ٿيسز کي تہ ناول جي مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا پاڻ ئي رد ڪيو آهي.

”مان پاڻ سان بہ ايماندار نہ ٿيندس اگر مان ماڻڪ سان هڪ اختلاف ظاهر نہ ڪندس. سنڌ ۾ ذهين ماڻهو بہ آهن ۽ بهادر ماڻهو بہ آهن. اتي فقط تنظيم ناهي. انڪري زور ائڪشن بدران تنظيم تي اچڻ گهرجي.“ (29)

مجموعي طور تي هيءُ ناول فرد جي انهن پيڙائن جو داستان آهي، جيڪي هو رياستي جبر سبب محسوس ڪري ٿو ۽ هو نفسياتي طور تي هڪ (Disorder) جو شڪار ٿي وڃي ٿو. جڏهن اهڙيون پيڙائون ۽ اهنج حدون اورانگهي وينديون آهن تہ متاثر فرد ان طرح ئي ’ايڪٽ يا ري ايڪٽ‘ ڪري سگهي ٿو. جهڙي ريت هن ناول جو هيرو ڪري ٿو. پر اها پڻ حقيقت آهي تہ هن ناول جا ڪيترائي واقعا هن وقت صرف ڪتابن ۾ ملن ٿا، جنهن سبب هيءُ ناول جنهن کي ’سياسي ليڪچر‘ سڏجڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. پنهنجو ڀرپور اثر نہ ٿو ڇڏي. هن ئي موضوع تي ڪنعيي گيانچنداڻي پنهنجي هڪ مقالي ’ماڻڪ جي ناول ’ساهہ مٿ ۾‘ جو تنقيدي جائزو‘ ۾ لکيو آهي تہ ’. . . آئون ڪجهہ اعتراض رکندي بہ اصولي طور تي ان راءِ سان سهمت آهيان تہ ڪيترائي دانشور ۽ اديب هن ناول کي سياسي ليڪچر جو نالو ڏيندا.‘ اهو مقالو ’منير کان ماڻڪ تائين‘ ڪتاب ۾ شامل آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ناول بحيثيت هڪ فن پاري جي اهو مقام نٿو ماڻي جنهن جي اميد پڙهندڙ هن ناول مان رکي ٿو.

**نتيجو:** مجموعي طور تي هن مقالي مان هي نتيجا نڪرن ٿا:

- جديديت جي سري هيٺ لکيل هيءُ ناول ’ساهه مٺ ۾‘ فن توڙي ٽيڪنيڪ جي حوالي سان جديد آهي پر هيءُ سنڌيءَ جو پهريون جديد ناول ناهي، جيئن هن ناول جي مهاڳ ۾ موهن ڪلپنا لکيو آهي.
- هن ناول ۾ ناول جي منظرنگاري بدران ڊراماٽي منظر نگاري پيش ڪئي وئي آهي، جيڪا هڪ ناول لاءِ موزون ناهي.
- ناول جو مک ڪردار مختلف وجودي وارداتن جو شڪار رهي ٿو جن مان هو بيچيني، ويڳاڻپ، ڊپ ۽ خوف تمام گهڻو محسوس ڪري ٿو.
- وجوديت جي حوالي سان هن ناول ۾ اهم شيون بحث هيٺ آيون آهن. خاص طور مک ڪردار مختلف هنڌن تي چونڊ جي اختيار تي سنو بحث ڪري ٿو. جيڪو سارتر جي وجوديت جو بنيادي نقطو پڻ آهي.
- ناول جو مک ڪردار ’پيرانوائڊ پرسنلٽي ڊِس آرڊر‘ جو شڪار محسوس ٿئي ٿو پر هو ان ۾ هاڪاريت تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪو سنو عمل آهي.
- مذڪوره ناول ڪو به نتيجو ڏيڻ کانسواءِ پورو ٿي وڃي ٿو.
- ناول ۾ هڪ مسلسل ڇڪتڻي ۽ ڇاراٽو آهي، جيڪو مک ڪردار سنڌي هجڻ جي حيثيت سان محسوس ڪري ٿو.
- ناول جو مک ڪردار ڪمزور ٿي سهي پر مزاحمت ڪري ٿو هو ڪٿي به مڪمل هار نه ٿو مڃي. هو ڪجهه هنڌن تي جزوي يا وقتي سرينڊر ضرور ڪري ٿو.
- ناول پنهنجي تخليق جي دور(1977ع کان 1980ع تائين) جي سنڌ جي حالتن جو مڪمل احاطو نٿو ڪري.
- ليڪڪ هن ناول ۾ رياستي جبر کي علامتي انداز ۾ ڪنهن حد تائين پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

## حوالا


1. ماڻڪ، ’ساهه مٺ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، بئڪ ٽائٽل
2. ساڳيو حوالو ص 13، 14
3. حسين مصور، ’منير کان ماڻڪ تائين‘ سنڌ سلامت ڪتاب گهر، (آنلائين ڇاپو) 2019ع، ص، 89
4. ماڻڪ، ’ساهه مٺ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، 60
5. ساڳيو حوالو ص، 150

6. مهراڻي شير، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جو جديد اڀياس‘، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، 2014ع، ص، 100
7. RICHARD RORTY, Philosophy and the Mirror of Nature, Princeton University Press Princeton, New Jersey page, 366
8. ماڪٽ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع، ص، 157
9. Ronan McDonalds, The Death of the Critic, Continuum, London, 2007, Page, 118
10. https://plato.stanford.edu/entries/imagination
11. ماڪٽ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1882ع ص، 72
12. مرزا نصير، ’جيئڻ سو تارو صبح جو‘(اينٿالوجي)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع ص، 164
13. ڏيپلائي عثمان محمد، ’سانگهڙ‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، چوٿون ايڊيشن، 1998ع، ص، 107
14. سراج، ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، انٽرنيٽ ايڊيشن، 2006ع، ص، 248، 249
15. ساڳيو حوالو ص، 6
16. سراج، ’مرڻ مونسين آءُ‘ انٽرنيٽ ايڊيشن، ص، 157
17. ٻگهيو عزيزالرحمان،ڊاڪٽر، ’سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1988ع، ص،606
18. ساڳيو حوالو ص، 96
19. ماڪٽ، ’ساهه مٿ ۾‘ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1992ع، ص 96
20. ساڳيو حوالو ص، 58
21. ساڳيو حوالو ص 21
22. ساڳيو حوالو ص، 37
23. ساڳيو حوالو ص، 41
24. ساڳيو حوالو ص، 44
25. ساڳيو حوالو ص، 44
26. ساڳيو حوالو ص، 46
27. ساڳيو حوالو ص، 83
28. ساڳيو حوالو ص، 96
29. ساڳيو حوالو ص، 18